هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

20-Oct-2016



# يزيد جو برو ڪردار

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# يزيد جو بُرو ڪردار

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## وَاللّٰه! هو ٻڌندا آهن

رحمت عالم، رسول محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن ان جي دَهشتن ۽ حِساب ڪتاب مان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو، جنهن توهان مان مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا. (فردوس الاخبار، ج٢ / ٤٧١،حديث ٨٢١٠)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سَدا مَیں
اور ذِکْر کا بھی شوق پئے غَوث و رَضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.



www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪارِ مدينہ جي مَحَبّت وڌائڻ جو نسخو!

حضرت سيدنا ابُوهرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف فرما ٿيا، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ حسنينِ ڪريمين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا بہ هئا، انهن مان هڪ ساڄي ڪلهي تي ۽ ٻيا کاٻي ڪلهي تي سوار هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻنهي کي واري واري سان چُمي رهيا هئا. هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!



www.dawateislami.net

اوهان انهن سان مَحَبَّت ڪيو تا؟ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ها! جنهن انهن سان مَحَبَّت ڪئي، ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن انهن سان بُغض رکيو، ان مون سان بُغض رکيو.

(مستدرڪ،ڪتاب معرفة الصحابة، رکوب الحسن و الحسين ..الخ،۱۵٦/۴،حديث: ۴۸۳۰ )

حضرت سيدنا ابُو هرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي محبتِ رسول جو اهو معيار بارگاهِ رسالت مان عطا ٿيو هو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سڄي عمر ان کي اپنائي رکيو، جڏهن مروان بن حکم حضرت سَيدنا ابُو هرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي بارگاهه ۾ وفات جي وقت حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: ”جڏهن کان اوهان جي صُحبت اختيار ڪئي آهي، مون اوهان جي ذات ۾ حضراتِ حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي مَحَبَّت تمام گهڻي ڏٺي آهي.“ اهو ٻُڌي حضرت سيدنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيقرار ٿي ويهي رهيا ۽ ارشاد فرمايائون: هڪ ڀيري اسان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪيڏانهن وڃڻ جي لاءِ نڪتاسين، اڃا ڪجهه ئي رستو طئي ڪيو هو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي روئڻ جو آواز ٻڌو ۽ اهي ٻئي ان وَقت پنهنجي والده وٽ هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلدي جلدي هلندي، انهن وٽ تشريف کڻي ويا. مون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سيده فاطمة الزَّهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي اهو فرمائيندي ٻڌو: منهنجي پٽن کي ڇا ٿيو؟ عرض ڪيائون: اُڃ (يعني اُڃ جي ڪري ٻئي روئي رهيا آهن.) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻي پرڻ جي لاءِ مَشڪيزي ڏانهن وڌيا، پر ان ۾ پاڻي مَوجُود نه هو جوته اُنهن ڏينهن ۾ پاڻي جي ايتري سخت قِلَّت هئي جو ماڻهو به پاڻي جي ڳولا ۾ رهندا هئا. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن کي پُڪاري فرمايائون: ڇا توهان مان ڪنهن وٽ پاڻي آهي؟



www.dawateislami.net

هر هڪ ڪجاوي (سوارين تي ويهڻ جي لاءِ اُٺ جي چيلهه تي ناهيل ڏولي) تي لٽڪيل مَشڪن ۾ پاڻي ڏنو پر انهن مان هڪ ڦڙو به نه مليو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاتونِ جنّت، سيده فاطمة الزّهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي فرمايائون: هڪ ننڍڙو مون کي ڏيو. خاتونِ جنّت سيده فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هڪ ٻار کي پردي مان ڏئي ڇڏيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن کي کڻي پنهنجي سيني سان لڳايو پر اهو وڏيڪ اُڃ جي ڪري مُسلسل روئي رهيو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اُن جي وات ۾ پنهنجي زبان مُبارڪ وڌي ته اهي ان کي چُوسڻ لڳا ايستائين جو سيراب ٿي ويا، (حضرت سيدنا ابُوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته) مون ٻيهر انهن جي روئڻ جو آواز نه ٻڌو، جڏهن ته ٻيا (شهزاده) اهڙي طرح مُسلسل روئي رهيا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ٻئي کي به مون کي ڏيو.“ خاتونِ جنّت سيده فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ٻئي کي به حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوالي ڪري ڇڏيو، حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان به ساڳيو ئي مُعاملو فرمايو، (يعني ان جي وات ۾ به پنهنجي مُبارڪ زبان وڌي ته اهي به سيراب ٿي خاموش ٿي ويا) ان کان پوءِ ٻئي شهزادا اهڙا ماٺ ٿيا جو مون ٻنهن جو ٻيهر روئڻ جو آواز نه ٻڌو. حضرت سيدنا ابُو هُرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مزيد فرمائن ٿا: مان انهن سان چو نه مَحَبَّت ڪيان جڏهن ته مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن سان ائين ڪندي ڏٺو آهي. (معجم ڪبير ،بقية اخبارحسن بن علي بن أبي طالب، ۵۰/۳،حديث:۲٦۵٦)

اُن دو کا صدْقہ جن کوکہا میرے پھُول ہیں
کیجے رضاؔ کو حشر میں خنداں مثالِ گُل

## شعر جي وضاحت:

اي منهنجا پيارا آقا! پنهنجي جن ٻن شهزادن کي اوهان پنهنجو گل فرمايو يعني حَضرت امامِ حسن ۽ حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا انهن جي



www.dawateislami.net

صدقي ۾ رَضا ڪي محشر جي ميدان ۾ هر قسم جي مشڪلاتن ۽ پريشانين کان بچائي مرڪندڙ (يعني ٽرندڙ) گل جيان ڪري ڇڏيو.

(شرح حدائقِ بخشش، ص:۲۱۷، ماخوذاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو اُصول چڱي طرح ذِهن نشين ڪري ونو ته جهڙي طرح صحابهٔ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ اهلبيت اَطهار جي مَحَبَّت دُنيا ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو آهي، ائين ئي انهن سان بُغض ۽ عدوات رکڻ ۾ هلاڪت ئي هلاڪت آهي، جيئن ته

## صحابہ جي دُشمن جو انجام

هڪ شخص حضرت سَيِدُنا سعدبن ابي وقاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون صحابهٔ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي شان ۾ گُستاخي ۽ بي اَدَبي وارا لفظ چوڻ لڳو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو ته تون پنهنجي هن خبيث حرڪت کان باز رهو نه ته مان تنهنجي لاءِ بد دُعا ڪندس. اُن گُستاخ ۽ بيباڪ چيائين ته مون کي اوهان جي بد دُعا جي ڪا پروا ناهي. اوهان جي بددُعا سان منهنجو ڪجهه به نٿو بِگڙي سگهي. اهو ٻڌي اوهان کي جلال اچي ويو ۽ پاڻ ان وَقت اها دُعا گهري ته يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن هن شخص تنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن صحابين جي توهين ڪئي آهي ته اڄ ئي هن کي پنهنجي قَهر وغَضَب جي نشاني ڏيکار ته جيئن ٻين کي ان کان عبرت حاصل ٿئي. ان دُعا کان پوءِ جيئن ئي اهو شخص مسجد مان ٻاهر نڪتو ته اوچتو هڪ چتو اُٺ ڪتان کان ڊوڙندو آيو ۽ ان کي ڏندن سان چباڙڻ لڳو ۽ ان جي مٿان ويهي هن کي ايتري قدر زور سان دَٻايائين جو ان جي



www.dawateislami.net

پاسراتين جون هڏيون چُور چُور ٿي ويون ۽ اهو فوراً ئي مري ويو. اهو منظر ڏسي ماڻهو ڊوڙندا حضرت سَيدُنا سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي مبارڪ باد ڏيڻ لڳا ته اوهان جي دُعا قبول ٿي وئي ۽ صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جو دشمن هلاڪ ٿي ويو. (دلائل النبوة للبيهقي ، ج٦، ص١٩٠)

امين ہيں يہ قرآن ودين ِخدا کے
مدارِ ہدیٰ اعتبارِ صحابہ
رسالت کی منزل ميں ہر ہر قدم پر
نبی کو رہا انتظارِ صحابہ
انہيں ميں ہيں صديق وفاروق وعثماں
انہيں ميں علی شہسوارِ صحابہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جي شان ۾ ٿوري گُستاخي ڪرڻ واري جو اَنجام ڪيترو خطرناڪ ۽ عبرتناڪ ٿيو، واقعي اها حقيقت آهي ته الله وارن جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ يا انهن کي ڪنهن به طرح سان تڪليف پهچائڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کي دعوت ڏيڻ واري ڳالھ آهي. انهن بُزرگن جي شان ۾ گُستاخي ۽ بي ادبي ڪرڻ وارا دُنيا ۾ ته ذليل ۽ رُسوا ٿيندو ئي آهي آخرت ۾ به ذِلّت اُن جو مُقدَّر ٿيندي. يزيد پليد به اهو بد نصيب شخص آهي جنهن نه رڳو صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جي توهين جو مُرتڪب ٿيو بلڪ ان جي پيشاني تي اهلِ بَيتِ ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان کي بي گُناھ شهيد ڪرڻ جو ڪارو داغ (به) آهي ۽ جنهن جي هر زماني ۾ اسلامي دُنيا مذمّت ڪندي رهي آهي ۽ قيامت تائين ان جو نالو حَقارت (ذِلّت) سان ورتو ويندو. اهو بَد باطن، سِياه دل (شخص) 25 هجري ۾ دَمِشق ۾ پيدا ٿيو. نهايت ٺلهو، بدنُما، بداَخلاق، بد مِزاج، فاسِق، فاجِر، شرابي، بدڪار، ظالِم، بي اَدب، گُستاخ هو. ان جون شرارتون ۽ بريون حرڪتون اهڙيون هيون جو جن سان بدمُعاشن کي به شرم ٿيندو.

(خلاصه ازسوانح ڪربلا،ص١١١،ملتقطاً)



www.dawateislami.net

## يزيد پليد جا بُرا فعل

صَدْرُ الْاَفَاضِل حضرت علاّمہ مولانا مُفتي سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيہ ارشاد فرمائن ٿا تہ شهزاده ڪونين، حضرت امام حُسَين رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو وُجُودِ مُبارَڪ يزيد جي آزادين جي لاءِ هڪ زبردست مُحتَسِب (يعني حساب وٺڻ وارو) هو، ان کي خبر هئي تہ پاڻ (رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي مُبارَڪ وقت ۾ اُن کي کُلي بُرا فعل ڪرڻ جو موقعو نہ ملندو ۽ ان جي ڪنهن بہ غلط حرڪت ۽ گمراهي تي حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ صبر نہ فرمائيندا، ان کي نظر ايندو هو تہ امام(حسين) رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جهڙي دِيندار جو ڪوڙو هر وقت ان جي مٿي تي وسي رهيو هو، انهيءَ ڪري اهو ويتر وڌيڪ حضرت امام (حسين) رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي جان جو دُشمن هو ۽ ان ڪري حضرت امام (حسين) رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي شهادت ان جي لاءِ خوشي جو باعث ٿي.

حضرت امام(حسين) رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي شهادت ٿي، يزيد بلڪل آزاد ٿي ويو ۽ مختلف قسمن جا گُناهہ عام ٿي ويا. حرام ڪاري، پاءُ پيٽ جو نڪاح، وياج، شراب، اعلانيہ رائج ٿي ويو، نمازن جي پابندي ڪچي وئي، بَغاوت ۽ سرڪشي اِنتها تائين پهتي، خَباثت ايتري تہ وڌي وئي جو مُسلِم بن عُقبہ کي ٻارهن هزار (12000) يا ويهہ هزار (20,000) جو لشڪر ڏئي مدينہ طَيبَہ تي چڙهائي جي لاءِ موڪليو. ان نامُراد لشڪر مدينہ طَيبَہ (زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِيماً) ۾ اهو طُوفان برپا ڪيو جو اللّٰہ جي پناهہ! قتل وغارت ۽ طرح طرح جا ظلم، رسولُ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڙي وارن تي ڪيا، اتي رهڻ وارن جي گهرن ۾ لُٽ مار ڪئي، ست سو (700) صحابہ عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي شهيد ڪيو ۽ ٻين عام رهواسين کي مِلائي ڏهہ هزار (10,000) کان وڌيڪ کي شهيد ڪيو، ڇوڪرن کي قيدي ڪري ورتو، اهڙيون اهڙيون بد تميزيون ڪيون،



www.dawateislami.net

جن جو ذڪر ڪرڻ ناگوار آهي. مسجدِ نَبَوِي شريف (عَلٰی صَاحِبِہَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) جي سُتونن ۾ گهوڙا ٻڌيا، ٽن ڏينهن تائين مسجد شريف ۾ ماڻهو نماز نہ پڙهي سگهيا. صرف حضرت سَعِيد بن مُسَيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ دِيوانو بڻجي اتي حاضر رهيا. حضرت سَيدُناعبدُاللّٰه بن حَنظَلَہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جن فرمايو تہ يزيدين جون بُريون حرڪتون ايتري حد تائين پهتيون جو اسان کي انديشو ٿيڻ لڳو تہ انهن جي بدڪارين جي ڪري ڪٿي اسان تي آسمان تان پٿر نہ وسن. (الصواعق المحرقہ، الباب الحادي عشر،الخاتمہ في بيان اعتقاد اهل السنة، ص٢٢١ملخصاً) پوءِ اهو شرير لشڪر، مَڪہ مُڪَرَّمَہ ڏانهن روانو ٿيو، راهہ ۾ لشڪر جو امير مري ويو ۽ ٻيو شخص اُن جو قائم مقام ڪيو ويو. مَڪہ مُعَظَّمَہ (زَادَهَا اللّٰه شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا) پهچي انهن بي دِينن مِنْجَنِيق (اهو پٿّهر اڇلائڻ جو آلہ هوندو آهي جنهن سان پٿر اڇلايو ويندو آهي ان جي زَد وڏي زبردست ۽ پري تائين مار هوندي آهي) سان پٿرن جي بارش ڪئي. ان سنگ باري سان حَرَم شريف جو مُبارَڪ صحن پٿرن سان ڀرجي ويو ۽ مسجدِحرام جا سُتون ٽُٽي پيا ۽ ڪعبہ مُقَدَّسہ جي غِلاف شريف ۽ ڇت کي انهن بي دِينن ساڙي ڇڏيو. ان ڇت ۾ ان گهٽي (دُنبي) جا سڱ بہ تَبَرُّڪ طور تي محفوظ هئا، جيڪي حضرت سَيدُنا اسمٰعيل عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي فِديي ۾ قُربان ڪيو ويو هو، اهي (سڱ) بہ سڙي ويا، ڪعبو شريف ڪئي ڏينهن تائين بي لباس رهيو ۽ اتي جا رهواسي (يزيدي لشڪر جي طرفان پهچڻ واري) سخت مُصيبت ۾ مبُتلا رهيا. (خلاصہ سوانح ڪربلا،ص ١٧٧ تا١٧٩، ملخصاً)

## خرافاتِ يزيد پليد جو بائيڪاٽ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ يزيد پليد پنهنجي دَورِ حڪومت ۾ بدڪرداري جو ثُبُوت ڏيندي ڪئي برائين کي عام ڪيو مثال طور، مَحارِم (اهي رشتيدار جن سان نڪاح حرام آهي ان) سان نڪاح ۽ وياج وغيره



www.dawateislami.net

ڪي ان بي دِين عَلانِيه عام ڪيو، مدينہ طيبہ ومڪہ مڪرمہ جي بي حُرمتي ڪرائي، صحابَہ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ اَطهار ڪي ظُلم وسِتم ڪان پوءِ شهيد ڪرايو، گانا باجا ٻڌڻ، خُوب شراب پيئڻ، نماز نہ پڙهڻ، الغرض اهو بد بخت هر اهو ڪم ڪندو هو، جنهن ڪان شريعت سڀگوري منع ڪيو هو. يقيناً انسان عزّت وشهرت، مال ودولت ۽ حڪومت ملڻ سان سرڪش ۽ بي باڪ بڻجي ويندو آهي ۽ پوءِ آهستہ آهستہ دين ڪان پري ۽ دُنيا کي گهڻو ويجهو ٿي ويندو آهي، پنهنجي تخت ۽ تاج جي لاج رکڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۽ ان جي پيارن جي گُستاخين ڪان بہ ناهي مڙندو. يزيد پليد بہ اِقتِدار و حڪومت جي مَحَبَّت ۾ مبُتلا ٿي اهڙو سَرڪش ٿيو جو مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۾ گستاخيون ڪيون، انهن کي تڪليفون ڏنيون، انهن جي دل ڏکائي حالانڪ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان تہ اهي مقدّس هستيون آهن، جن جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ خود سُلطانِ دو جهان، رَحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَكْرِمُوا اَصْحَابِي فَاِنَّهُمْ خِيَارُكُمْ يعني منهنجي صحابہ (عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) جي عزّت ڪيو چو تہ اهي توهان مان وڌيڪ نيڪ آهن. (مشكاة المصابيح، كتاب المناقب، باب مناقبالصحابة، ٢/٤١٣،حديث: ٦٠١٢)

مزيد فرمايائون: ”خَيْرُ اُمَّتِي الْقَرْنُ الَّذِينَ يَلُونِي ثُمَّ الَّذِينَ يَلُونَهُمْ ثُمَّ الَّذِينَ يَلُونَهُمْ يعني منهنجي اُمّت مان سڀ ڪان بهتر منهنجي زماني وارا آهن (يعني صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) پوءِ ان ڪان بعد وارا (يعني تابعين) پوءِ بعد وارا آهن (تبع تابعين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين.)“ (مسلم،ڪتاب فضائل الصحابہ باب فضائل الصحابہ...الخ ، ص،حديث: ١٣٤٢)

نمایاں ہے اسلام کے گلستاں میں — ہر اک گل پہ رنگِ بہارِ صحابہ
یہ مہریں ہیں فرمانِ خَتمُ الرُّسُل کی — ہے دِینِ خدا شاہکارِ صحابہ
انہیں میں ہیں بدر واُحد کے مجاہد — لقب جن کا ہے جاں نثارِ صحابہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## يزيد جو بُرو ڪردار ۽ ان جو سبب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جو مُبارڪ زمانو ڏٺو پوءِ بہ انهن جو قُرب حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ نہ ئي انهن جي تعظيم ڪري پنهنجي لاءِ آخرت جي نجات جو سامان ڪري سگهيو بلڪ ان رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ گهراڻي تي تمام گهڻو ظُلم و سِتم ڪيو ۽ انهن تي مصيبتن جو سبب بڻيو. يزيد پليد اهو سڀ تاج و حڪومت ۽ دُنياوي مال ۽ دولت جي مَحَبَّت ۾ ڪيو، جوتہ ان ظالمِ بَد اَنجام کي امامِ عالي مقام، سَيدُنا امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ذاتِ گرامي مان پنهنجي اِقتِدار بابت خطرو محسوس ٿيندو هو حالانڪ حضرت سَيدُنا امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ناپائيدار دنيا جي ڪهڙي ضرورت! پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ تہ ڪلهہ بہ اُمَّتِ مُسلمہ جي دِلين جا تاجدار هئا، اڄ بہ آهن ۽ باقي دُنيا تائين رهندا. پر ان يزيد بدبخت مال ودولت جي نَشي ۾ بدمست ٿي پنهنجي آخرت سان گڏوگڏ دُنيا بہ تباهہ وبرباد ڪري ڇڏي. واقعي دُنيا جي مَحَبَّت هر فِتني فساد جو سبب آهي، اها سچي تباهي دُنيا جي مَحَبَّت ئي مچائي آهي، دُنيا جي مَحَبَّت انسان کي ظالم بڻائيندي آهي، دُنيا جي مَحَبَّت انسان کي بي حِس و بيباڪ بڻائيندي آهي، دُنيا جي مَحَبَّت انسان کي پٿر دِل بڻائيندي آهي، دُنيا جي مَحَبَّت عملن کي ضائع ڪندي آهي، دُنيا جي مَحَبَّت دِين کي نُقصان پهچائڻ جو سبب آهي، دُنيا جي مَحَبَّت گمراهي جو سبب آهي، دُنيا جي مَحَبَّت انسان کي نيڪين کان پري ڪندي آهي، دُنيا جي مَحَبَّت ئي گُناهن تي دلير ڪندي آهي. اچو دُنيا جي مذمّت تي 3 فرامينِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. دُنيا جي مَحَبَّت سمورن گُناهن جي جڙ آهي. (ڪتاب ذم الدنيا مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج۵ ص۲۲ حديث۹)



www.dawateislami.net

2. ڇهه (6) شيون عمل کي ضائع ڪنديون آهن: (١) مخلوق جي عيبن جي ڳولا ۾ مصروف رهڻ (٢) دل جي سختي (٣) دُنيا جي مَحَبَّت (۴) حَياء جي گهٽتائي (۵) ڊگهي اُميد ۽ (٦) حد کان وڌيڪ ظُلم." (ڪنزالعمال، ٣٦/٨،جزء ١٦،الحديث:۴۴٠١٦)

3. 'ٻن بکايل بگهڙن کي جيڪڏهن ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ڇڏيو وڃي ته ايترو نُقصان نٿا پهچائن جيترو مال ۽ دولت جو حِرص (لالچ) ۽ دُنيا جي مَحَبَّت انسان جي دِين کي نُقصان پهچائيندا آهن. (جامع الترمذي، ڪتاب الزهد،باب حديث ماذئبان جائعان،الحديث:٢٣٨٦،ص١٦٦)

پیچھا مِرا دُنیا کی محبت سے چُھڑا دے
یا ربّ مجھے دِیوانہ مدینے کا بنا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته دُنيا ڪيتري قدر حقير شيء آهي، لهٰذا ان کي اَهم سمجهڻ وڏي بيوقوفي آهي ڇوته اللهعَزَّوَجَلَّ وٽ ته دُنيا جي حيثيت حقيقت ۾ مڇر جي پر جي برابر به ناهي بلڪ اها دُنيا ته آخرت جي پوک آهي، جيڪڏهن اسان ان ۾ چڱن عملن جي صُورت ۾ ٻج پوکينداسين ته آخرت ۾ اَجر و ثواب جي صُورت ۾ فصل لڻنداسين. تنهنڪري پنهنجو بينڪ بيلنس وڌائڻ، خزانن جو اَنبار جَمع ڪرڻ، عُمده ۽ مهانگين ڪارن ۾ گُهمڻ، ٻين جون جائيدادن تي قبضو ڪرڻ ۽ عيش عياشي سان رهڻ جي حرص رکڻ بدران، الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان جيڪي نعمتون عطا ڪيون ويون آهن، اُنهي تي قناعت ڪندي ان جي رِضا تي راضي رهندي حرص جي آلُودگين کان پاڻ کي بچائڻ گهرجي.



www.dawateislami.net

شيخُ الحديث حضرت علّامہ عبدُ المُصطَفيٰ اَعْظَمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: لالچ نهايت ئي بُري خَصلت ۽ نِهايت خراب عادت آهي، اللّٰہ تعاليٰ جي طرفان ٻانهي کي جيڪو رِزْق و نعمت ۽ مال و دَولت يا جاه (يعني عزّت )۾ مَرتبو مليو آهي، ان تي راضي ٿي قناعت ڪرڻ گهرجي. ٻين جي دَولتن ۽ نعمتن کي ڏسي پاڻ بہ ان کي حاصِل ڪرڻ جي خيالن ۾ پريشان رهڻ ۽ غلَط و صحيح هر قسم جي حيلن ۾ ڏينهن رات لڳل رهڻ اهو بہ جذبہٴ حرص و لالچ چئبو آهي ۽ حرص ۽ لالچ حقيقت ۾ انسان جي هڪ پيدائشي خَصْلَت آهي. (جنتي زيور،١١٠، بتغيرقليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُنياوي مال ودولت کي حاصل ڪرڻ جي خواهش وڪوشش ڪرڻ جي بدران آخرت جي نعمتن کي ماڻڻ جي لاءِ خوب نيڪيون ڪيو ۽ دُنيا کان بي رغبتي اختيار ڪيو. صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان حضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اسان سڀني مان بهتر ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: اَزْهَدُكُمْ فِي الدُّنْيَا وَاَرْغَبُكُمْ فِي الْاٰخِرَةِ يعني توهان مان سڀني کان بهترين اهو آهي جيڪو دنيا کان وڌيڪ بي رغبتي ۽ آخرت ۾ وڌيڪ رغبت رکڻ وارو هجي. (شعب الايمان،باب في الزهدوقصرالامل، ٧/٣٤٣، حديث: ١٠٥٢١ )

## دنيا کان بي رغبتي مان ڇا مراد آهي؟

حضرتِ علامہ عبدُالرؤف مَناوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: دُنيا جي فَنا ۽ عيب دار هئڻ جي سبب کان بي رغبتي ڪري ۽ آخرت جي بُزرگي ۽ هميشہ رهڻ جي ڪري آخرت ۾ رغبت رکي، عقلمند اهو آهي جيڪو دُنيا ۽ دُنيا جي ميل ڪچيل کان پاڻ کي بچائي ۽ دُنيا کي پنهنجو خادِم بڻائي، ضرورت مُطابق دُنيا جمع ڪري ۽ ان کان علاوه دنيا کان پاسو ڪري ڇوتہ جڏهن ڪو دنيا کان پاسو ڪندو آهي تہ دُنيا ان وٽ ذليل ٿي ايندي آهي ، جيڪو شخص دُنيا ڪمائڻ جي خاطر جيترو دُنيا جي



www.dawateislami.net

پويان ڀڄندو آهي، دُنيا ان ڪان ايترو ئي ڀڄندي آهي، جيئن پاڇو سج جي ڏانهن مُنهن ڪري هلڻ واري جي پويان پويان ايندو آهي ۽ سج کي پٺي ڏئي هلڻ واري جي اڳيان اڳيان ڀڄندو آهي، جيڪڏهن اهو شخص پنهنجي اڳيان ڀڄڻ واري پاڇي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري به ته ناڪام ٿيندو.

(فيض القدير،٣/٦٦٦ تحت الحديث:٤١١٤)

دولتِ دُنيا سے بے رغبت مجھے کر دیجئے
میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مفتيِ دعوتِ اسلامي جا اَوصاف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها حقيقت آهي ته جيڪو دُنيا جي پويان ڀڄندو آهي ته دُنيا ان کي پنهنجي پويان ڀڄائيندي آهي ۽ اهو دُنيا جي مَحَبَّت ۾ سَرڪش ۽ نافرمان ٿي آهسته آهسته دِين کان پري ٿيندو آهي ۽ جيڪو خوش نصيب دُنيا کان بي رغبتي اِختيار ڪندو آهي ته دُنيا خود ان جي قدمن ۾ اچي ڪرندي آهي. جيڪڏهن اسان دُنيا جي مَحَبَّت کان پيڇو ڇڏائي فڪرِ آخرت پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا ته دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان شريعت ۽ سُنَّت جي مُطابق عمل ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان مُتَّقِي و پرهيز گار، چڱين عادات وڪردار وارا بي شُمار اسلامي ڀائر وابسته آهن، انهن مان هڪ مرحوم مُفتي دعوت اسلامي الحافظ القاري الحاج محمد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه به آهن، جيڪي نهايت ئي اعلي اَوصاف جا مالڪ هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه خوفِ خدا ۽ عشق رسول رکڻ وارا، دُنيا کان بي رغبت، قَناعت پسند ۽ مُصيبت تي صبر



www.dawateislami.net

ڪرڻ وارا، ڪثرت سان مُطالعو ڪرڻ وارا، تلاوت قرآن جو ذوق رکڻ وارا، عاجزي ۽ اِنڪساري جا پيڪر ها، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرض ۽ واجبات سان گڏوگڏ سُنَّتن ۽ مُستَحَبَّن تي عمل ڪرڻ وارا، حُسن اَخلاق سا پيش اچڻ وارا، وَقت جا قدر دان، بهترين مُدَرِّس ۽ بهترين امام هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه نيڪي جي دعوت ڏيڻ، مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ ۽ مدني مرڪز جي اطاعت ڪرڻ وارا هئا. پاڻ مُرشِد مُرشِد ڪرڻ وارا، مُرشِد سان محبت ڪرڻ وارا ۽ مُرشِد بہ ان سان محبت ڪندا، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اِستقامت عطا فرمائي ۽ گُناهن کان بچندي خُوب خُوب نيڪيون ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي.اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

يقيناً مُقدَّر کا وہ ہے سکندر — جسے خیرسے مل گیا مدنی ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی — دِلائے گا خوفِ خدا مدنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ — گُناہوں کو دیگا چُھڑا مدنی ماحول

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## يزيد جون بُرائيون ۽ انهن جو بائيڪاٽ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد جن خُرافات ۽ بُرائين کي سَرِعام ڪيو هو، بد قسمتي سان اڄ اهي ئي شيون اسان جي مُعاشري ۾ بہ عام ٿينديون پيون وڃن، حالانڪ شريعتِ مُطهره، شريعتِ اِسلاميہ انهن سمورين بُرائين مثال طور شراب پيئڻ، گانا باجا ٻڌڻ، وياج کائڻ، نماز نہ پڙهڻ جي مذمت ۽ انهن جا نُقصان بيان ڪيا آهن، اچو! ان مان ڪجھ برائيون ۽ ان جا نُقصان ٻڌون ٿا.

## يزيد جي هڪ بُرائي شراب نوشي

يزيد جي هڪ بُري عادت شراب نوشي هئي جڏهن تہ شراب پيئڻ



www.dawateislami.net

حرامِ قطعي آهي ۽ ان کي حلال سمجهي پيئڻ ڪفر آهي.بدقِسمتي سان اسان جي مُعاشري ۾ اها بُرائي به عام ٿيندي پئي وڃي. ياد رکو! شراب تمام بُرائين جي جڙ آهي ڇوته شراب پيءَ ڪري انسان هر گُناهه ۾ آساني سان ڦاسي پوي ٿو ڇوته شرابي کي هوش ناهي هوندو ۽ اهو بري ڀلي جي تميز به وساري ويهي ٿو، شراب ڪهڙا گناهه ڪرائيندي آهي . اچو ان باري ۾ هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا، جيئن

## شراب ڇا ڪرائي ڇڏيو:

حضورنبي مُڪرَّم،نُورِمجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: بُرائين جي ماءُ (يعني شراب) کان بچو، ڇوته توهان کان پهرين هڪ شخص هو، جيڪو ماڻهن کان الڳ ٿلڳ رهي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندو هو. هڪ عورت ان جي محبت ۾ گرفتار ٿي وئي ۽ انهيءَ ڏانهن خادم کي ڇورائي موڪليو ته شاهدي جي سلسلي ۾ تنهنجي ضرورت آهي. اهڙي طرح هو اُتي پهچي ويو ۽ جنهن دروازي مان اندر داخل ٿيندو ويو، اهو بند ڪيو پئي ويو، ايستائين جو هو هڪ انتهائي حَسين ۽ جميل عورت وٽ وڃي پهتو، جنهن جي ويجهو هڪ ڇوڪرو ويٺو هو ۽ اُتي شيشي جو هڪ وڏو ٿانوءُ هو، جنهن ۾ شراب هيو. انهيءَ عورت چيو: "مون توکي ڪنهن قسم جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ناهي گهرايو، پر انهيءَ لاءِ گهرايو آهي ته تون هن ڇوڪري کي قتل ڪري ڇڏ، يا منهنجي نفساني خواهش کي پورو ڪر يا پوءِ شراب جو هڪ گلاس پي وٺ، جيڪڏهن منع ڪندي ته آئون رڙيون ڪنديس ۽ توکي ۽ ذليل ۽ رُسوا ڪري ڇڏينديس." جڏهن هن شخص ڏٺو ته ڇوٽڪاري جي ڪا راهه ناهي ته هو شراب پيئڻ تي راضي ٿي ويو. عورت شراب جو هڪ جام پياريو ته اُن (نشي ۾ جهومندي) وڌيڪ شراب گهريو. هو انهيءَ طرح شراب پيئندو رهيو، ايستائين جو نه صرف انهيءَ عورت سان مُنهن ڪارو



www.dawateislami.net

ڪيائين، بلڪ چوڪري کي بہ قتل ڪري ڇڏيائين. **ان ڪري توهان شراب** ڪان بچندا رهو. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! بيشڪ ايمان ۽ شراب نوشي ٻئي ڪنهن هڪ ئي شخص جي سيني ۾ ڪڏهن جمع نٿا ٿي سگهن. (جيڪڏهن ڪو ائين ڪندو تہ) ايمان ۽ شراب مان هڪ، ٻئي کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، ڪتاب الاشربة، فصل في الاشربة، الحديث:۵۳۲۴،ج۷، ص۳٦۷)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو تہ شرا ب ڪيتري بُري شيء آهي جو جنهن جي پيئڻ ڪان بعد انسان هر طرح جو گُناهہ آساني سان ڪري ويندو آهي. ياد رکو! شراب نوشي جا جتي اُخروي نُقصان آهن اتي ان جا دُنياوي نُقصان بہ تمام گهڻا آهن. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: اسلام شراب نوشي کي جيڪو حرام قرار ڏنو آهي، انهيءَ ۾ بي شمار حڪمتون آهن. هاڻي ڪافر بہ ان جي نقصانن کي تسليم ڪرڻ لڳا آهن. جيئن تہ هڪ غير مسلم محقق جي تاثرات مطابق شروع شروع ۾ تہ انساني بدن شراب جي نقصانن جو مقابلو ڪري وٺي ٿو ۽ شرابيءَ کي خوشگوار ڪيفيت ملي ٿي، پر جلد ئي داخلي (يعني جسم جي اندروني) قوتِ برداشت ختم ٿي ويندي ۽ مستقل نقصان پهچائڻ وارا اثرات ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا. شراب جو سڀ ڪان وڌيڪ اثر جگر تي پوي ٿو ۽ اُهو سُڪڙجڻ لڳي ٿو، گردن تي اضافي بار پوي ٿو، جيڪي آخرڪار بيڪار ٿي ڪري نتيجي طور ناڪاره (Fail) ٿي وڃن ٿا. ان ڪان علاوه شراب جي استعمال جي ڪثرت دماغ کي مُتَوَرَّم (يعني سوج ۾ مبتلا) ڪري ٿي، اعصاب ۾ سوج ٿي وڃي ٿي، نتيجتًا اعصاب ڪمزور ۽ پوءِ تباهہ ٿي وڃن ٿا. شرابيءَ جي معدي ۾ سوج ٿي پوي ٿي، هڏيون نرم ۽ خستہ (يعني تمام گهڻيون ڪمزور) ٿي وڃن ٿيون، شراب جسم ۾ موجود وٽامنز(Vitamins)



www.dawateislami.net

جي ذخيرن کي تباھ ڪري ٿي، وٽامن B ۽ C ان جي تباھ ڪاري جو خاص طور تي نشانو بڻجن ٿا. شراب سان گڏوگڏ سگريٽ نوشي ڪئي وڃي تہ انھيءَ جا نقصانده اثرات ڪيترائي ڀيرا وڌي وڃن ٿا ۽ ھائي بلڊ پريشر، اسٽروڪ ۽ ھارٽ اٽيڪ (Heart Attack) جو شديد خطرو رھي ٿو. ڪثرت سان شراب پيئڻ وارو ٽڪ، متي جي سور، اُلٽي ۽ اُڄ جي شدت ۾ مبتلا رھي ٿو. تمام گھڻو شراب پيئڻ سان دل ۾ عملِ تَنَفُّس (يعني ساھ کڻڻ جو عمل) رڪجي ويندو ۽ شرابيءَ فوري طور تي موت جي ور چڙھي ويندو آھي. (فيضانِ سنت، ص٤٢٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شراب نوشي جي نحوست کان بچڻ جي لاءِ چا ڪرڻ گھرجي، ھِتو ان جو ھڪ طريقو ھي آھي تہ بُرن دوستن (شرابين) جي صحبت ڇڏي ڪري چڱن جي صحبت اَپنائي وڃي، تہ جيئن ان جي برڪت سان شراب نوشي ۽ ان طرح جي ٻين بُرائين کان جند ڇٽي وڃي. اڄڪلھ چڱي صُحبت ماڻڻ جو ھڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اپنائڻ بہ آھي جو ان جي برڪت سان مُعاشري جا بگڙيل لکين ماڻھو توبہ ڪري سڌي وات تي اچي ويا. اسان بہ مدني ماحول سان ھردَم وابستہ رھون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي زندگي ۾ نيڪين جي مدني بھار اچي ويندي.

شيخِ طريقت،اميرِ اھلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَه اُمّتِ مُسلمہ جي خير خواھي ڪندي ۽ نصيحت جا مدني گل عام ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا:

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی
چڑھائے گا ایسا نشہ مَدَنی ماحول
اگر چور ڈاکو بھی آ جائیں گے تو
سُدھر جائیں گے گر ملا مَدَنی ماحول
نَمازیں جو پڑھتے نہیں ہیں ان کو لارَیب
نَمازی ہے دیتا بنا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## يزيد جي ٻي بُرائي، گانا باجا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد ۾ هڪ بُرائي اها به هئي ته اهو گانا باجا ٻڌڻ جو عادي هو جڏهن ته گانا باجا ٻڌڻ ناجائز، سخت حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. پر افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اها ئي بُرائي اڄ اسان جي معاشري ۾ به عام ٿيندي نظر اچي رهي آهي، ننڍو هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت اڪثر ان بُرائي ۾ مبُتلا نظر ايندا آهن، ائين معلوم ٿيندو آهي جو ڄڻ ته موسيقي مسلمانن جي رَڳ رڳ ۾ لهندي پئي وڃي، تقريباً هر جڳهه تي موسيقي جون ڌُنون ٻڌيون وينديون آهن. هوٽل هجي يا مڪان ۽ دُڪان، ڪارخانو هجي يا گودام، ڪار هجي يا بس، ٽيڪسي هجي يا سُوزوڪي، هر هنڌ تي مسلمان ان بُري آفت جا شڪار نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ٻارن جي اڪثر رانديڪن ۾ به ميوزڪ هوندو آهي. ويچاري جي جُهولي جي مٿي رانديڪو لٽڪايو ويندو آهي جيڪو ان کي موسيقي ٻڌائيندو ۽ سمهاريندو آهي. جڏهن ننڍپڻ ئي کان ٻار ميوزڪ ٻڌڻ جو عادي هوندو ته وڏو ٿي ميوزڪ کان ڪيئن بچي سگهندو. اڄڪلهه موبائل فون جي ذريعي مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ گانا باجا ٻڌڻ ته نهايت ئي آسان ٿي چڪو آهي. جديد دور جي ان ايجاد سان جتي ڏينهن رات گانا ٻڌڻ جو گناهه تي رهيو آهي، اتي پنهنجي موبائل فون تي ڪالر ٽون (Caller Tune) ۽ رِنگ ٽون(Ring Tune) سيٽ ڪري ٻين کي ٻڌائي ناجائز وحرام ڪم جو اِرتڪاب ٿي رهيو آهي. افسوس صد افسوس! هاڻي ته مسجدن ۾ بلڪ مسجدُ الحرام شريف ۾ ۽ اهو به عين خانهٔ ڪعبه جي طواف ۾ ماڻهن جي موبائل فون جون گهنٽيون بلڪ مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ميوزيڪل ٽونز وڄنديون رهن ٿيون، حالانڪ ميوزيڪل ٽون ته مسجِد کان ٻاهر به ناجائز آهي. (ته مسجد ۾ ته



www.dawateislami.net

حڪم وڌيڪ سخت هوندو) اهڙي طرح ان موبائل فون تي سيٽ ڪئي وئي موسيقي جي ڌنن سان ۽ گاني جي بيهوده آوازن سان مسجدن جو اِحتِرام ۽ تقدُّس پامال ٿيندو آهي، مسجد جي پُرڪيف ماحول ۾ ذِڪر و اَذڪار، تلاوتِ قرآن ۽ سنّتن ڀريا درس و بيان ڪرڻ ٻڌڻ وارن جي توجّہ ۽ ڪيف و سُرور مُتَاَثّر ٿيندو آهي ايستائين جو پنهنجي يا ڪنهن ٻئي جي موبائل جي وجہ سان نَماز جهڙي اَهم عبادت جي بہ خُشُوع و خُضُوع سان ادائيگي دُشوار ٿي ويندي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** گانا ٻڌڻ ناجائز ۽ حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.احاديثِ مُبارَڪہ ۾ ان بُري فعل جي مُمانعت بيان ٿي آهي. اچو! ان باري ۾ 3 روايتون ٻڌون ٿا.

(1) جيڪو ڳائڻ واريءَ وٽ ويهندو (۽) ڪن لڳائي ڪري ڌيان سان ٻڌندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ شيهو وجهندو.“ (كنزُ العُمّال ج ١٥ ص ٩٦،حديث:٤٠٦٦٢)

(2) گانن باڄن کان پنهنجو پاڻ کي بچايو ڇو تہ اهي شهوت کي ڀڙڪائيندا ۽ غيرت کي برباد ڪندا آهن ۽ هي شراب جا قائم مقام آهن، ان ۾ نشي جهڙو تاثير آهي.(تفسيردرمنثور ج٦ ص ٥٠٦،شعب الْايمان ج٤ص٢٨٠ حديث٥١٠٨)

(3) گانو ۽ لهو دل ۾ اهڙي طرح نفاق پيدا ڪندو آهي جهڙي طرح پاڻي ساوڪ پيدا ڪندو آهي قسم آهي ان مقدس ذات جو جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ قرآن ۽ ذڪرالله ضرور دل ۾ اهڙي طرح ايمان پيدا ڪندا آهن جهڙي طرح پاڻي سائو گاهہ پيدا ڪندو آهي.” (فردوس الاخبار،٢/١٠١،حديث:٤٢٠٤)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايتن جي روشني ۾ معلوم ٿيو، گانا باجا ٻڌڻ حرام آهي. پر افسوس جو اسان جي مُعاشري جا ماڊرن مفڪرن ۽ ميوزڪ جي شوقين ان لهو و لَعِب ۽ يادِ الٰهي کان غافل ڪرڻ واري منحوس شيء کي رُوح جي غِذا قرار ڏيندا آهن. دَرحقيقت مومن جي رُوح جو غِذا تہ ذِڪرُاللہ آهي، جنهن سان ان کي سُڪون ملندو آهي جيئن تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ سيپاري 13،سُورهٔ رَعْد، آيت نمبر 28 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَىٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ **تَرْجَموڪنز الايمان:** أهي جن اِيمان آندو ۽ أنهن جُون دِليُون اللہ جِي ياد سان سڪُون لهن ٿيُون. (پ۱۳،الرعد:۲۸)

ياد رکو! موسيقي رُوح جي غِذا هرگز هرگز نٿي ٿي سگهي بلڪ اها تہ سَراسَر رُوح ۾ بگاڙ پيدا ڪرڻ، نمازن ۽ عبادتن جي لذّتن کي تباه ڪرڻ، شرم و حياء جو خُون ڪرڻ ۽ مسلمانن کي بي پردگي تي اُڀارڻ جو سبب آهي، مَعَاذَاللہ گانن جا بعض شعر تہ اهڙا بہ آهن، جن ۾ تمام گهڻا ڪفريات بڪيا ويندا آهن، جنهن کي اسان جهونگاريندا وتندا آهيون ۽ ان ڏانهن اسان جو ڌيان بہ ناهي ويندو۔اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي گانن باجن جي نحوست کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ هر وقت نعت وتلاوت، سُنَّتن ڀري بيانن، مدني مُذاڪرن ۽ مدني چينل جا ايمان افروز سلسلا ڏسڻ جي سعادت نصيب فرمائي۔ اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

میں گانے باجوں اور فِلموں ڈِراموں کے گنہ چھوڑوں
پڑھوں نعتیں کروں اکثر تلاوت یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## يزيد جي ٽين بُرائي، وياج

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد جي برائين مان هڪ بُرائي اها بہ هئي جو ان وياج جهڙي بري گناهہ کي عام ڪيو، حالانڪہ وياج قطعي حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. انهيءَ جي حرام هئڻ جو انڪار ڪندڙ ڪافر ۽ جيڪو حرام سمجهي ڪري انهيءَ بيماريءَ ۾ ڦاسي، اهو فاسِق ۽ مردودُ الشهادة آهي. (يعني ان جي شاهدي قبول نہ ڪئي ويندي). بدقسمتي سان اها بُرائي بہ اسان جي مُعاشري ۾ وڏي تيزي سان ڦهلجندي پئي وڃي، جيڪڏهن ڪنهن حاجت مند کي قرض (Loan) جي ضرورت پوي تہ هنڌ هنڌ تي وياجي اِدارا قائم آهن، جتان کان آساني سان وياج تي قرض ملي ويندو آهي ۽ قرض وٺڻ وارو بہ خوشي سان وياج (Interest) تي قرض کڻندو آهي ۽ ان کي ڪو بُرائي بہ تصور ناهي ڪندو، اهڙي موقعي تي جيڪڏهن ڏِين جو درد رکڻ وارو ڪو اسلامي ڀاء سمجهائڻ جي ڪوشش بہ ڪري تہ ان قسم جون ڳالهيون ٻڌڻ جي لاءِ ملن ٿيون: ”ادا ڇا ڪيون مجبوري آهي، اسان تہ بي وس آهيون، ان جي علاوه ٻيو چارو ئي ناهي، اسان اڪيلا ڇا ٿا ڪري سگهون وغيره وغيره“ حالانڪہ اهي ڳالهيون دُرُست نہ آهن، ڇوتہ نہ تہ اسان بي وس ۽ مجبور آهيون ۽ نہ ائين آهي جو انهن حرام ڪارين کان سواء ڪو چارو ناهي ۽ جيستائين ان ڳالهہ جو تعلّق آهي تہ اسان اڪيلا ڇا ٿا ڪري سگهون، گهٽ ۾ گهٽ اسان پنهنجي ئي اصلاح جي ڪوشش جو جذبو تہ پيداڪيون، همّت و حوصلي ۽ سچي نيت سان عملي ميدان ۾ اڳتي وڌون، ڇا خالي نعرا لڳائڻ سان مُعاشري جو بِگڙيل نظام دُرست ٿي ويندو؟ ڇا محض فڪر ڪرڻ سان مُعاشري ۾ تبديلي اچي ويندي؟ جي نہ، بلڪ اسان کي سڀ کان پهريان پنهنجو پاڻ کي بدلڻو پوندو، پنهنجو جائزو وٺڻو پوندو، اوهان تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسي وٺو، اسلام جي عظيم سِپہ



www.dawateislami.net

سالارن جا حيرت ۾ وجهڻ وارن عظيم ڪارنامن کي ڏسي ونو، جتي بہ تبديلي آئي، اها ڪنهن اِنقلابي قدم کڻڻ جي سبب آئي. مُحَرَّمُ الحَرَام پنهنجي برڪتون لُٹائي رهيو آهي، ان مقدّس مهيني جي 10 تاريخ تي جيڪو عظيم واقعو رُونما ٿيو، ان ۾ اسان جي لاءِ مدني تربيت جا بيشمار مدني گل آهن، لَک سلام! اهلبيت جي انهن عظيم شاهسوارن تي جن جي متن تي ظلم و سِتم جا بادل ڇانيل هئا، هر پاسي کان اذّيت ۽ تڪليف جون آنڌهيون هلايون پئي ويون پر ڪنهن جي نماز قضا ناهي ٿيندي، لَک سلام! خاندانِ اهلبيت جي اُن پاڪ دامن بيبين تي جو پنهنجي اکين آڏو رت جو نديون وهندي ڏسي رهيون آهن، پر شريعت جو دامن هٿ مان ناهي ڇڏيو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خاندانِ اهلبيت جي صدقي عقلِ سليم عطا فرمائي، ايماني جذبو نصيب فرمائي، پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جي همٿ ۽ توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قُربان وڃون! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مدني سوچ تي جو اسان کي هڪ اهڙو عظيم "مدني مقصد" عطا فرمايو آهي جو واقعي جيڪڏهن اسان ان مدني مقصد کي پيشِ نظر رکي زندگي گذارڻ جو پڪو ارادو ڪيون ۽ ان سان گڏوڏ عملي قدم بہ کڻون تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ مسجدون نمازين سان ڀرجي وينديون، هر پاسي سُنّتن جي مدني بهار اچي ويندي، وڏي تيزي سان گناهن جي وهندڙ سيلاب ۾ غلامانِ رسول کي هڪ سهارو ملي ويندو، اهو عظيم "مدني مقصد" ڪهڙو آهي، اچو! گڏجي ان کي دهرايون ونون ٿا:"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"۔ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

کرم سے "نیکی کی دعوت" کا خُوب جذبہ دے
دُوں دُھوم سُنّتِ محبوب کی مچا یا ربّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان چاهيون ٿا ته دوا به نه کائون ۽ مرض مان شِفا به ملي وڃي، مجبوسين ته مُعاشي خوشحالي جي لاءِ سچي مُعاشري کي وياج ۽ ٻين بُرائين کان پاڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي پر ياد رکو! مُعاشرو فرد سان ٺهندو آهي، جيستائين اسان پنهنجي اصلاح جي ڪوشش نه ڪنداسين، سچي مُعاشري جي اصلاح ڪيئن ٿيندي؟. اچو هاڻي وياج جي مذمّت تي چند روايتون ٻڌون ٿا.

1. ”بيشڪ وياج (جي گناهه) جا 70 حصا آهن. انهن مان ننڍي ۾ ننڍو ائين آهي، جيئن ڪو مرد پنهنجي ماءُ سان زنا ڪري. (سنن ابن ماجة ،ابواب التجارات ، باب التغليظ في الربا ،٣/٧٢،الحديث: ٢٢٧٤)

2. (ظاهري طور تي) وياج جيتوڻيڪ وڌندو ئي هجي، آخرڪار انهيءَ جو انجام گهٽتائيءَ تي ٿئي ٿو. ( المسند للامام احمد بن حنبل ، مسند عبدالله بن مسعود ، الحديث: 4026، ج2، ص 109)

3. قيامت جي ڏينهن وياج خور کي انهيءَ حال ۾ اٿاريو ويندو جو هو چريو ۽ بدحواس هوندو. (المعجم الكبير، عوف بن مالك، الحديث:110، ج18، ص60)

4. جنهن قوم ۾ وياج ڦهلجي ٿو، انهيءَ قوم ۾ پاڳل پن ڦهلجي ٿو. ( كتاب الكبائر للذهبي، الكبيرة الثانية عشرة، ص 70)

فرمانِ مصطفيصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مِعراج جي رات مان هڪ اهڙي قوم وٽان گذريس، جن جا پيٽ ڪمرن وانگر (وڏا وڏا) هئا، جن ۾ نانگ پيٽن جي



www.dawateislami.net

ٻاهر کان ڏسجي رهيا هئا. مون جبرائيل کان پڇيو: ”هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟“ انهن عرض ڪيو: ”هي وياج خور آهن.

( سنن ابن ماجه، كتاب التجارات، باب التغليظ في الربا، الحديث:2273، ج3، ص71)

## رسالو "وياج ۽ ان جو علاج "جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن معمولي جيت هليو وڃي تہ طبيعت ۾ عجيب ڪيفيت پيدا ٿي ويندي آهي. قيامت جو اهو سخت عذاب ڪيئن برداشت ڪنداسين؟ وياج کائڻ وارن ماڻهن جا پيٽ ايترا وڏا ٿي ويندا جيئن ڪنهن مڪان جا ڪَمرا. ان ۾ نانگ ۽ وڇو وغيره هوندا. ڪيتري قدر ڀيانڪ عذاب آهي. وياج جي مذمّت ۽ ان جي علاج بابت مزيد مُفيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رِسالو ”وياج ۽ ان جو علاج “هٿو هٿ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هدية حاصل فرمائي پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين مسلمانن سان خيرخواهي جو ثواب ماڻڻ ۽ انهن کي ان گُناهہ کان بچائڻ جي لاءِ تحفي طور پيش ڪيو، ان جو ڪوڙ ساريون برڪتون نصيب ٿينديون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## 12 مدني ڪمن مان هڪ ماهوار مدني ڪم ”مدني انعامات“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪين جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ گُناهن کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان ماهوار هڪ مدني ڪم "مدني انعامات جو رِسالو"جمع ڪرائڻ بہ آهي.خوش نصيب عاشقانِ رسول پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندي مَدني انعامات تي عمل جي سعادت حاصل ڪندي ۽ روزانہ فڪرِ مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو رِسالو ڀريندا آهن ۽ مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي



www.dawateislami.net

رِسالو جمع ڪرائيندا آهن. اسان جا بزرگهانڻ دين نہ صرف پاڻ پنهنجي عملن جو مُحاسبو ڪندا هئا بلڪہ ماڻهن کي بہ ان جو ذِهن ڏيندا هئا جيئن

اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرتِ سَيدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ”اي انسانو! پنهنجي عملن جو حساب ڪري وٺو، ان کان پهريان جو قيامت اچي وڃي ۽ توهان کان ان جو حساب ورتو وڃي. (حلية الاولياء، ج١،ص٥٦) شيخ طريقت ،اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جن هن پُرفِتَن دَور ۾ فڪرِ آخرت جو ذِهن بنائڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشتمل مَدني اِنْعامات سُوالن جي صورت ۾ عطا فرمايا آهن. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، اسڪولز، ڪالجز ۽ جامعة المدينہ جي شاگردن جي لاءِ 92، شاگردياڻين جي لاءِ 83 ۽ مدرسة المدينہ جي مدني مُنّن جي لاءِ 40 مَدَني اِنعامات آهن، اِهڙي طرح خُصُوصي يعني گونگن ٻوڙن ۽ نابين اسلامي ڀائرن جي لاءِ 27، قيدين جي لاءِ 52 مَدَني اِنعامات ترتيب ڏنا آهن. مَدَني اِنعامات جا رسالا مَڪتبة المَدِينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي طلب ڪري سگهجن ٿا، ان جو بَغور مُطالعو ڪرڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهچنداسين تہ اهي حقيقت ۾ خُود اِحتِسابي جو هڪ جامع نِظام آهي، جنهن کي اپنائڻ کان پوءِ نيڪ بڻجڻ جي راهہ ۾ حائل رُڪاوٽون، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي فَضل وڪرم سان آهستہ آهستہ پري ٿي ويندي آهن ۽ ان جي بَرَڪت سان پابند سُنَّت بڻجڻ، گُناهن کان نُفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفاظت جي لاءِ تڙپڻ جو ذِهن بڻجندو آهي. اچو! مدني انعامات جي رسالي جي هڪ مدني بهار مُلاحظ ڪيو.

## مَدَني انعامات جي رسالي جي بَرَڪت

نيوڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاء جو ڪجهه ان طرح بيان آهي: علاقي



www.dawateislami.net

جي مسجد جا امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي سان وابسته آهن، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي وڏي ڀاء کي مَدَني انعامات جو هڪ رسالو تحفي ۾ ڏنو، اهي گهر کڻي آيا ۽ پڙهيو ته حيران رهجي ويا ته ان مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي. مَدَني انعامات جو رسالو ملڻ جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي پنج وقت جا نمازي بڻجي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ به سجائي ورتي ۽ مدني انعامات جو رسالو پريندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يزيد جي چوٿين بُرائي ، نماز نہ پڙهڻ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يزيد پليدجن بُرائين ۾ مبتلا هو ان مان هڪ اها به هئي ته اهو يا ته سِري کان نماز ئي نہ پڙهندو هو ۽ جيڪڏهن پڙهندو به هو ته قَضا ڪري پڙهندو هو، حالانڪ نماز قَضا ڪري پڙهڻ به گُناهه آهي، ۽ نہ پڙهڻ ته ان کان به وڏو گُناهه آهي. اڄڪلهه اهو گناهه به بلڪل عام آهي. ڀيريان ته اسان جي اڪثريت نمازن جي ادائيگي کان غافل ۽ حُقُوقُ الله پامال ڪرڻ ڏانهن مائل نظر ايندي آهي ۽ جيڪي ڪجهه باقي مُسَلمان نَماز پڙهندا به آهن، ان مان شايد هڪ فيصد (1%) کي به دُرست نماز پڙهڻ ايندي هجي. ياد رکو! حُقُوقُ الله مان نَماز اِنْتهائي اَهمِّيت جي حامِل آهي، جنهن جو اَندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته قيامت جي ڏينهن حُقُوقُ الله مان سڀ کان ڀيريان ان جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.حَدِيثِ پاڪ ۾ آهي "اَوَّلُ مَايُحَاسَبُ بِهِ الْعَبْدُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ صَلَاتُه" يعني سڀاڻي قِيامَت جي ڏينهن ٻانهي



www.dawateislami.net

ڪان سڀ ڪان پهريان ان جي نماز جي باري ۾ سوال ٿيندو. هن حَدِيثِ پاڪ جي تَحت حَضرتِ علاّمہ عَبۡدُالرَّؤف منَاوِي رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰيعَلَيه فرمائن ٿا تہ بيشڪ نماز اِيمان جي نشاني ۽ عِبادَت جي اصل آهي. (التيسيرشرح جامع الصغير،١/٣٩١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِسلام ۾ جيڪا اَهميت نَماز کي حاصِل آهي اها ڪنهن ٻي عِبادَت کي حاصِل ناهي، نماز اَرڪانِ اِسلام مان هڪ اَهمّ تَرين رُڪن آهي، نماز هڪ نهايت هي عظيم عِبادَت آهي، نماز جنَّت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي، نماز نُور آهي، خُشُوع وخُضُوع سان ٻہ رَڪعتون ادا ڪرڻ واري جي لاءِ جنَّت واجِب ٿي ويندي آهي، (صحيح مسلم، رقم ٢٣٤، ص ١٤٤) ٻہ رَڪعت نماز دُنيا ومَافِيهَا (يعني دُنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي) کان بهتر آهي،نماز الله عَزَّوَجَلَّ جو پسنديده عمل آهي، نَماز ۾ هر سجدي جي عِوَض هڪ نيڪي لکي ويندي، هڪ گُناهہ مِٽايو ويندو ۽ هڪ دَرَجو بُلند ڪيو ويندو آهي، نمازي قيامت جي ڏينهن سَلامتي سان جنَّت ۾ داخل ڪيو ويندو، نماز سان گُناهہ ڇڻي پوندا آهن، هڪ نماز پوئين نماز جي دوران ٿيڻ وارن گناهن کي ڌوئي ڇڏيندي آهي، نمازي خَير ۾ رات گُذاريندو آهي، نمازبُرائين کي مِٽائيندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ٻہ روزانو پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اُولي سان ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ نفل نمازن جي سعادت بہ نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مَدنی انعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رحمتوں کی تُوجھڑی

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان خاص ڪري انهن گناهن جي مذمّت ۽ انهن جا نُقصان ٻڌاءِ جن کي يزيدِ پليد عام ڪيو. ياد رکو! گناهه چاهي ننڍو هجي يا وڏو، ان ۾ نقصان ئي نقصان آهي ۽ گناهن ۾ ڪيتري قدر نُحُوست آهي، ان جي تباهي ۽ بربادي جو اندازو هن روايت مان لڳايو، امير المؤمنين حضرتِ سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو تہ توهان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي هن فرمان (پارہ8،سورۂ انعام،آیت نمبر:160) مان هرگز ڏوکي ۾ نہ پئو:

مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَۃِ فَلَہٗ عَشۡرُ اَمۡثَالِہَا ۚ وَ مَنۡ جَآءَ بِالسَّیِّئَۃِ فَلَا یُجۡزٰۤی اِلَّا مِثۡلَہَا

(پ 8 الانعام 160)

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن هڪ نيڪي ڪئي تہ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ آهن ۽ جنهن بُرائي ڪئي تہ ان کي بدلو نہ ملندو مگر ان برابر.

چاڪاڻ تہ گناهہ باوجود ان جي جو هڪڙو ئي هجي پر ان ۾ ڏهہ بُريون خصلتون سمايل هونديون آهن.

(1) جڏهن ٻانهو گناهہ ڪري ٿو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کي غضب ڏياري ٿو ۽ هو ان کي پورو ڪرڻ تي قدرت (طاقت) رکي ٿو. (2) اهو (يعني گناهہ ڪرڻ وارو) ابليس ملعون کي خوش ڪري ٿو. (3) جنّت کان پري ٿي وڃي ٿو. (4) دوزخ جي ويجهو اچي وڃي ٿو. (5) اهو پنهنجي سڀ کان پياري شيءِ يعني پنهنجي جان کي تڪليف ڏي ٿو. (6) هو پنهنجي باطن کي ناپاڪ ڪري ويهي ٿو باوجود ان جي جو اهو پاڪ هوندو آهي. (7) اعمال لکڻ وارن ملائڪن يعني ڪراماً ڪاتبين کي ايذاءُ ڏي ٿو. (8) اهو نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي روضي مبارڪ ۾ غمگين ڪري ڇڏي ٿو. (9) زمين، آسمان ۽ سڄي مخلوق کي پنهنجي نافرماني تي گواهہ بڻائي ٿو. (10) هو سڀني انسانن سان خيانت ۽ ربّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪري ٿو. (بحرالدموع، الفصل الثاني عواقب المعصية، ص:۳۰)



www.dawateislami.net

گناهه ڪرڻ جا وڏيڪ اهي نُقصان بہ تي سگهن ٿا مثال طور: (١) روزي جو گهٽ ٿيڻ (٢) مصيبن جي گهٽائي (٣) عمر جو گهٽجڻ (۴) دل ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن تمام بدن ۾ اوچتو ڪمزوري جو پيدا ٿي صحت خراب ٿيڻ (۵) عبادتن کان محروم ٿيڻ (٦)عقل ۾ فُتور پيدا ٿيڻ (٧) ماڻهن جي نظرن ۾ ذليل و خوار ٿيڻ (٨) فصل ۽ باغن جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿيڻ (٩) نعمتن جو کسجڻ (١٠) هر وقت دل جو پريشان رهڻ (١١) اوچتو شديد بيمارين ۾ مبُتلا ٿيڻ (١٢) اللہ تعاليٰ، ان جي ملائڪن، نبين ۽ نيڪ ٻانهن جي لعنتن ۾ گرفتار ٿيڻ (١٣) چهري تان ايمان جو نُور نڪرڻ سان چهري جو بي رونق ٿيڻ (١۴) شرم و غيرت جو ختم ٿيڻ (١۵) هر طرف کان ذِلّتن، رُسوائين ۽ ناڪامين جو هجوم ٿيڻ (١٦) مرڻ وقت زبان تان ڪلمو نہ نڪرڻ وغيره وغيره گُناهن جي نحوست سبب وڏا دُنياوي نُقصان ٿيندا آهن. (جنّتي زيور، ص:١۴٣)

آه! ہر لمحہ گنہ کی کثرت و اور بھرمار ہے
غلبۂ شیطان ہے اور نفسِ بداَطْوار ہے
مُجرموں کے واسطے دوزخ بھی شُعلہ بار ہے
ہر گنہ قصداً کیا ہے اسکا بھی اِقرار ہے
ہائے! نافرمانیاں بدکاریاں بے باکیاں
آہ! نامے میں گُناہوں کی بڑی بھر مار ہے
چُھپ کے لوگوں سے گناہوں کا رہا ہے سلسلہ
تیرے آگے یاخدا ہر جُرم کا اظہار ہے
زندگی کی شام ڈھلتی جا رہی ہے ہائے نفس!
گرم روز و شب گُناہوں کاہی بس بازار ہے
بندۂ بدکار ہوں بے حد ذلیل و خوار ہوں
مغفرت فرما الٰہی! تُو بڑا غفار ہے
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص478)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان يزيدِ پليد جي بُري ڪردار جي حوالي سان بيان ٻڌو، اها هڪ بي نقاب حقيقت آهي تہ يزيدِ پليد هڪ ظالم، جابِر، بيباڪ و بي حِس ۽ هڪ بد ڪردار انسان هو، جنهن ڪيئي گُناهن



www.dawateislami.net

پري بُرائين مثال طور شراب نوشي، ويا ڄ، گانا باجا، جانورن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ وغيره جهڙن گناهن کي عام ڪيو، اهو بدبخت سِري کان نماز نه پڙهندو هو ۽ جيڪڏهن پڙهندو به هو ته وقت گُذاري پڙهندو هو.

اسان پاڻ کي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن کي به يزيد پليد ۾ موجود انهن سيني برائين کان بچائڻ جي لاءِ، انهن بُرائين جو عملي بائيڪاٽ ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پاڻ کي دنيا جي محبت ۽ گُناهن کان پري رکڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان دنيا جي محبت ۽ مال ودولت جي حرص کان محفوظ فرمائي ۽ اسان جي دلين کي راڪبِ دوشِ مصطفيٰ، جگر گوشه مُرتضيٰ، دَلبندِ فاطمه، سلطانِ ڪربلا، سَيدُالشُّهدَاء، اِمامِ عالي مقام،اِمامِ عرش مقام، اِمامِ همام، اِمامِ تِشنه ڪام، شهزاده ڪونين،حضرت سَيدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي محبت سان آباد فرمائي ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سينہ تری سُنَّت کا مدينہ بنے آقا
جنَّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

---

1...مشکاة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

## ”اَلسّلامُ عَلَيڪم“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان سَلام جا 11 مَدَني گل

مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ﴾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (ڪيمياءِ سعادت ) ﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ﴾ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ﴾ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴾ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دُهرايو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ (اَسْ۔سَلَامُ ۔عَلَيْ۔كُمْ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيْكُمُ السَّلَام (وَعَلَيْكُ۔مُسْ۔سَلَام)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهارشريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن



www.dawateislami.net

جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (تنبيہ المغترين ص 53)

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(2)

---

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[3]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[5]

---

3 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

4 ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

5 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(6)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(7)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

6 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

7 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،
سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[8]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net